10

# ٻيلا

# Forests


| هن باب ۾ | صفحو |
|---|---|
| قصو: گرين بيلٽ تحريڪ | 176 |
| ٻيلا ۽ صحت | 177 |
| عورتن تي بوجهه | 180 |
| ٻيلا ۽ پيٽ گذر | 181 |
| قصو: ٻيلن ۾ پيٽ گذر جي وسيلن جو بچاءُ ڪرڻ | 182 |
| ماحولياتي سياحت | 183 |
| ٻيلن جو غير عمارتي ڪاٺ / پيداوار | 183 |
| قصو: ٻيلي مان دوائون حاصل ڪرڻ | 184 |
| ٻيلي جي تباهي | 185 |
| ٻيلن تي جهيڙا | 186 |
| سرگرمي: سماجي ناٽڪ | 186 |
| ٻيلن جو پائدار استعمال | 189 |
| سرگرمي: هر هڪ جي چاڙهه مان فائدو وٺڻ سڀ ڪنهن جي گهرج ڌيان ۾ رکڻ | 191 |
| ٻيلي جي سنڀال جي هڪ رٿا ناهڻ | 192 |
| ٻيلي کي بچائڻ ۾ ياڳي پائيوار ٿيڻ | 193 |
| قصو: اميزان جي برساتي ٻيلي جو گڏجي بچاءُ ڪرڻ | 193 |
| رڪاڻ | 194 |
| قصو: ٻيلا جيڪي ماڻهن ۽ وڻن ٽڻن کي جياريندا رهن ٿا | 195 |
| ٻيهار ٻيلاڪاري | 196 |
| ڇا وڻ پوکڻ سدائين مددگار ٿين ٿا؟ | 196 |

# ٻيلا



ٻيلا اسان لاءِ ڪاٺي، ٻارڻ، عمارتي سامان، چاري، دوائن ۽ ٻين ڪيترين شين مهيا ڪرڻ جا اهم وسيلا آهن. ان ڪانسواءِ وڻ ٽڻ ۽ ٻيلا هڪ صحتمند ماحول کي برقرار رکڻ ۾ به اهميت وارا ٿين ٿا. هوا ۽ پاڻيءَ کي صاف رکن، زمين جي ڪاٽ ۽ ٻوڏن کان بچائين ، پکين جانورن ۽ ٻوٽن لاءِ گهر ٿين، چپر ۽ چانورو مهيا ڪن ۽ اسان جي وسندين کي وڻندڙ ۽ خوبصورت بڻائين ٿا.

ٻيلن مان لاڳيتو وسيلا حاصل ڪرڻ ۽ صحتمند ماحول برقرار رکڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته انهن جي سنڀال ڪئي ۽ ڏاهپ سان استعمال ڪيو وڃي. پر جيئن ته، ٻيلن جي وسيلن جو ڪارخانن سميت راڄ ڀاڳ به استعمال ڪن ٿا ۽ ورلي، ٻيلن واري زمين کي ٻين ڪمن لاءِ به ڪتب آڇي ٿي ان سبب سڄيءَ دنيا ۾ جيتريءَ تيزيءَ سان ٻيلا ختم ٿي رهيا آهن اوتري حساب سان اهي پوکيا نٿا وڃن. ورلي، ٻيلا وڍيندڙ تعميراتي ڪمپنيون يا اهڙا ڪارخانا جيڪي ٻيلن جي ڪٽائي ڪندا رهن ٿا جهڙوڪ ڪاٺيون ڪوٽيندڙ اهي ماڻهن کي آمدنيءَ جا وسيلا ميسر ڪن ٿا جن جي ڪين سخت گهرج ٿئي ٿي.

جڏهن ته، ٻيلن جي زمين جي استعمال ۽ اهڙن وسيلن کي آئيندي لاءِ بچائڻ ۾ هڪ توازن رکڻو آهي. جڏهن به ڪنهن وسيلي جو حد کان وڌيڪ استعمال ڪيو وڃي ٿو ته ان جا ديرپا ۽ دائمي هاڃا پيدا ٿين ٿا. اهڙيون ڪيتريون برادريون جيڪي نسلن کان ٻيلن تي گذر سفر ڪنديون رهيون آهن، تن کي خبر آهي ته، جيڪڏهن تمام گهڻا ٻيلا استعمال ڪيا ويندا يا انهن جو صفايو ڪيو ويندو ته ان جا سنگين نتيجا پيدا ٿيندا.

# گرين بليٽ تحريڪ

اوڀر آفريڪا جي ڪينيا جي، وانگاري ماٿائي (Wangari Maathai) جو چوڻ آهي تہ مائونٽ ڪينيا هڪ شرميلو جبل رهيو آهي جو سدائين ڪڪرن جي جهنڊ ۾ ويڙهيل رهندو آيو آهي. اتي جي ماڻهن لاءِ اهو هڪ پوتر جبل آهي. جو ڪنهن زماني ۾ جبل جي لاهين تي موجود ڊگهيل ٻيلن مان ڪيترا درياءَ ڦٽي وهندا رهيا آهن. جڏهن تہ هاڻ مائونٽ ڪينيا شرمليو نہ رهيو آهي. جبل کي ڍڪيندڙ نہ تہ اهي ڪڪر رهيا آهن ۽ نہ ئي ٻيلا. ٻيلن ۽ ڪڪرن جي گم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ دريائن بہ سڪڻ شروع ڪيو آهي.

وانگاري، جيئن جيئن وڏي ٿيندي ويئي تيئن تيئن ڏسندي رهي تہ ڪيئن نہ ٻيلن جي تباهہ ٿيڻ سان زمين کاڄڻ شروع ٿي، پاڻيءَ جا وسيلا ختم ٿي ويا ۽ ٻارڻ جي کوٽ پيدا ٿي. کيس اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ اچڻ لڳي تہ ٻيلن جي ناس ٿيڻ سان غربت ۽ خشڪ سالي پيدا ٿيڻ لڳي، ان ڪري وانگاريءَ وڻ پوکڻ شروع ڪيا.

وانگاريءَ عورتن جي هڪ ٽوليءَ کي منظم ڪري پنهنجن گهرن ۽ ٻنين چوگرد وڻ پوکڻ شروع ڪيا. جيئن تہ هنن اهي وڻ "قطارن" ۾ پوکيا ان سبب هو ان ڪم کي گرين بيلٽ تحريڪ (Green Belt Movement) سڏڻ لڳا. گرين بيلٽ تحريڪ جي عورتن، ٻين ماڻهن کي سمجهائڻ شروع ڪيو تہ ڪيئن نہ ٻيلن جي ختم ٿي وڃڻ سبب سندن زندگيون متاثر ٿيون آهن ۽ ساڻن گڏجي ڪين وڻ پوکڻ گهرجن. هنن آبادگارن کي ميويدار وڻن جون چڪيون ڏنيون اهي ساڻن گڏجي ٽڪرين جي لهوارن پاسن سان پوکيون تہ جيئن زمين جي کاڌ روڪي سگهجي. ايئن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڻ پوکي ساوا ٽڪرا ۽ چانورو پيدا ڪيوءِ ٻارڻ مهيا ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪيئن نہ وڻن پوکڻ سان ڪيترا مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا. گرين بيلٽ تحريڪ هيٺ واڙيون پوکيون ويون، مينهن جو پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ ننڍا ننڍا ڊئم ناهيا ويا ۽ ماڻهن کي صحتمند ٻيلن جي ضرورت بابت سمجهائڻ لاءِ ڪچهريون ڪرڻ شروع ڪيون.

پنهنجي ماحول جي ذميواري کڻندي، گرين بيلٽ تحريڪ محسوس ڪيو تہ ڪينيا جي سيني ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪين سرڪار جي سهائتا جي ضرورت آهي. ايئن هن تحريڪ جو ڪينيا ۾ وڻ پوکڻ، جمهوريت ۽ امن جو هڪ نعرو ٿي پيو. جڏهن مختلف برادرين ۾ ڪي جهيڙا جهتا ٿي پوندا هيا تہ گرين بيلٽ تحريڪ، امن جا وڻ (peace trees) استعمال ڪري ڪين ڪير ڪنڊ ڪري ڇڏيندي هئي.

وڻ پوکيندڙ عورت هجڻ جي حيثيت ۾ وانگاريءَ پنهنجي ملڪ جي هڪ سورهيہ ٿي پيئي. موٽ ۾ کيس ڪيترن تڪليفن سان منهن ڏيڻو پيو هڪ اهڙيءَ جاڏيءَ عورت سان رهڻ جي سگهہ نہ ساري سندس مڙس بہ کيس ڇڏي ويو. جيئن تہ هن غريب ماڻهن کي منظم پئي ڪيو ان سبب سرڪار کيس گرفتار ڪيو. پر جيئن تہ هوءَ هڪ دلير ۽ اڙڏي عورت هئي ۽ هزارين ڪينيائي ماڻهن سندس ساٿ ٿي ڏنو ان سبب گرين بيلٽ تحريڪ لکين وڻ پوکڻ ۾ ڪامياب ٿي.



سال 2004 ۾ وانگاري ماٿائيءَ کي امن جو نوبل انعام ڏنو ويو جيڪو دنيا ۾ هڪ وڏي ۾ وڏو اعزاز سمجهيو وڃي ٿو. کيس اهو انعام پائدار ترقي رستي، امن وڌائڻ لاءِ ڏنو ويو جنهن ۾ جمهوريت، انساني حق ۽ عورتن جي مساوات اچي وڃي ٿي. اهي سڀ ڳالهيون وڻن پوکڻ سان شروع ٿيون.

# ٻيلا ۽ صحت

ٻيلا، هر هنڌ تي ماڻهن جي صحت جي سهائتا ڪن ۽ موسم کي پائدار رکن ٿا. نہ رڳو ايترو پر اهي ماڻهو بہ جيڪي ٻيلن کان گهڻو پري يا اهڙن هنڌن تي رهن ٿا جتي جا ٻيلا خراب يا وڏيءَ حد تائين تباهہ ڪيا ويا آهن سي بہ اهڙن شين تي مدار رکن ٿا جيڪي ڪين ٻيلا ئي مهيا ڪري سگهن ٿا. جڏهن ٻيلن کي خراب يا تباهہ ڪيو وڃي ٿو تڏهن راڄن جي صحت خطري ۾ پئجي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ تہ، وڻ ٽڻ ۽ ٻيلا پنهنجا اهي عمل ۽ ڪم ڪري نٿا سگهن جيڪي صحت کي زور وٺرائڻ لاءِ ضروري ٿين ٿا.




**وڻ ٽڻ ۽ ٻيلا ڪيترن طريقن سان راڄن جي صحت سميت چڱيلائي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا.**

# ٻيلا کاڌ خوراڪ، ٻارڻ ۽ دوائون




ٻيلن ۾ تمام گهڻن قسمن جا مگ (nuts)، ٻج، پاڙون، جيت ۽ جانور ٿين ٿا جيڪي ماڻهن لاءِ کاڌي ۽ دوائن طور ڪم اچن ٿا. جڏهن ٻيلن کي تباهہ ڪيو ويجي ٿو تہ عام طور تي ان جو نتيجو بک، بدحالي، کاڌي جي اوڻائي (کاڌوڻائي) ۽ بيمارين جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. تي مدار ٿئي ٿو تن کي زنده رهڻ لاءِ ٻين طريقن ۽ وسيلن جڏهن ڪنهن ٻيلي مان کاڌ خوراڪ ۽ دوائون حاصل ڪرڻ ناهڻ ۽ استعمال جا طورطريقا بہ ختم ٿي وڃن ٿا. ايئن ٻہ چاڻ ۽ رواجن جو بہ خاتمو ٿي وڃي ٿو.

جن هنڌن تي وسيلن جي اٽاٽ ٿئي ٿي اتي ماڻهن کي ور وڻ ٽڻ وڏي فصل پوکڻ جهڙين ڳالهين مان ڪنهن هڪ ڏيٺو پوي ٿو تہ جيئن، هو پنهنجي لاءِ کاڌ خوراڪ حاصل اهڙين حالتن ۾ پڻ جڏهن آبادگارن کي ٻيلا صاف ڪري لاءِ فصل پوکڻا پون ٿا تڏهن بہ ڪجهہ وڻن جو هجڻ ضروري ٿئي ٿو. جن علائقن ۾ فصلن کي، ٻيلن تي اهميت ڏني وڃي ٿي اتي انهن ٻنهي ۾ ڪوشش ڪري هڪ توازن رکڻ ضروري ٿئي ٿو (ٻيلن ۽ فصلن بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ص. 302).



ڏکي پنڌ تائين وڏو وزن کڻڻ سان مٽي ۾ پٺيءَ ۾ سور پوي ٿو ۽ خاص طور تي ٻارڙن جي ڪنڊي کي ڇيهو رسي ٿو.

### عورتن تي بوجهہ

عام طور تي اهي عورتون ۽ ٻار ئي آهن جن کي ٻارڻ لاءِ ڪاٺين ميڙڻ ۽ گهر آڻڻ جو ڪٺن ڪم ڪرڻو پوي ٿو. ڪيترن سالن تائين اهڙي ڪٺن ڪم ڪندي رهڻ سبب سندن لاءِ صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. جڏهن ٻيلا تباهہ ٿي وڃن ٿا تڏهن ماڻهن کي مجبوراً ڏگها پنڌ ڪري ٻارڻ گڏ ڪرڻ لاءِ وڃڻو پوي ٿو. جنهن سبب ڪين ايترو وقت ئي ملي نٿو سگهي تہ اهي ٻيا ضروري ڪم ڪري ۽ اسڪول وڃي سگهن.

عورتن ۽ ٻارن کي جڏهن ڪاٺيون گڏ ڪرڻ لاءِ وڃڻو پوي ٿو تڏهن جسماني ۽ جنسي تشدد سان بہ منهن ڏيڻو پوي ٿو. ان سبب ڪيترن هنڌن تي عورتون ۽ ٻار گڏجي ڏينهن جو ڪاٺيون ڪرڻ وڃن ٿا. پر جي گهرن پرسان ٻارڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سنا وڻ پوکجن ۽ انهن جو خيال بہ ڪجي تہ ڪاٺيون ميڙيندڙ سلامت ۽ صحتمند بہ رهي سگهن ٿا.

# ٻيلا ۽ پيٽ گذر

ٻيلا، پيٽ گذر جو هڪ اهم وسيلو ٿين ٿا. ڪن سرڪاري ۽ بين الاقوامي تنظيمن جو چوڻ آهي تہ، ٻيلن ڪي وڏي ۾ وڏو نقصان غريب ماڻهو پهچائين ٿا جيڪي پيٽ گذر لاءِ اتان وڻ وڍي پوکي ڪن ٿا يا ٻين طريقن سان پنهنجي پيٽ جي پورت ڪندا رهن ٿا. پر جڏهن ماڻهن وٽ جهجهو ڪاڙو آمدني يا ٻين بنيادي ضرورتن جي پورت ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هجي تڏهن زنده رهڻ جو جتن ڪرڻ وڏيڪ ضروري ٿي پوي ٿو بنسبت ٻيلن جي سانڍ ڪرڻ جي. ورلي، ماڻهن وٽ سواءِ وڻن وڍڻ جي ٻيو ڪو چارو نٿو هجي پوءِ ان لاءِ چاهي ڪين ڪونئون زمين ٽڪرو صاف ڪرڻو پوي يا ٻارڻ ۽ عمارتي ڪاٺ حاصل ڪرڻ لاءِ ايئن ڪرڻو پوي. ايئن بہ ڪو ورلي ٿئي ٿو تہ، ٻيلي جي تباهي جو ذميوار ڪنهن صنعت کي سمجهيو ويندو هجي جيڪي تمام وڏي مقدار ۾ ڪاٺ وڍين ٿا يا ڪاٺين ڪوئلي، تيل جي ڳولها يا صنعتي پوک لاءِ وڻ وڍي ڇڏين.

جڏهن ماڻهن جون روزمرهہ جون گهرجون پوريون ٿينديون رهن ٿيون، تڏهن اهي آئيندي لاءِ بهتر طريقي سان سوچين ٿا جنهن ۾ ماحول جي سنڀال بہ اچي وڃي ٿي. جيڪي ماڻهو ٻيلن ۾ رهن ۽ انهن جي سنڀال ڪن ٿا تنکي خبر آهي تہ، ٻيلن کي گهٽ نقصان رسائڻ کانسواءِ منجهانئن ڪيترن طريقن سان پيٽ گذر ڪري سگهجي ٿو.



ٻيلن جي تباهيءَ سبب غربت وڌي ۽ غربت سبب ٻيلن جي وڌيڪ تباهي ٿئي ٿي.

## ٻيلن ۾ پوکي راهي

ڪيترن هنڌن تي آبادگار ٻيلي جا رڳو ڪي ٽڪرا صاف ڪري پوک ڪن ٿا ۽ چوگرد واري ٻيلي کي اڻ ڇهيو ڇڏي ڏين ٿا. ايئن اتي تيستائين پوکي ڪندا رهن ٿا جيستائين گندگاهه زور وٺي سندن فصلن سان پيچ نٿو شروع ڪري پوءِ هڪ نئون ٽڪرو صاف ڪن ٿا ته پراڻي هنڌ تي نئين سر ٻيلو پيدا ٿي مٽيءَ کي بحال ڪري ڇڏي ٿو. ان طريقي کي ورلي سليش اينڊ برن (slash and burn) يا سُوبڊِن پوکي/ سوبڊن فارمنگ (Swidden farming) سڏجي ٿو.

گذريل ڪيترن هزارين سالن کان سُوبڊِن-پوکي ٿيندي رهي آهي. پر جيئن جيئن آدمشماريءَ ۾ واڌ اچي ٿي ۽ نون هنڌن تي آباديون قائم ٿين ٿيون تيئن تيئن ٻيلن جي پکيڙ ۾ گهٽتائي اچڻ سبب هن طريقي سان پوکي ڪرڻ گهٽجي رهي آهي. هاڻ ٻنهي آبادگارن ۽ ٻيلن لاءِ سوبڊن پوکي ڪرڻ ناپائدار ثابت ٿي پيئي آهي پر جيڪي برادريون ٻيلن جي ايراضين ۾ پوکي راهي ڪن ٿيون تن کي تڏهن سٺا نتيجا حاصل ٿين ٿا ۽ پنهنجي زمين تي ڊگهي عرصي تائين رهي سگهن ٿيون جڏهن زراعت جا پائدار طريقا استعمال ڪن ٿيون (ڏسو باب 15).

### ٻيلن ۾ پيٽ گذر جي ذريعن جو بچاءُ ڪرڻ

انڊيا جي، آنڌرا پرديش پرڳڻي ۾ ڳوناٽا، موجود ٻيلن جا ڪيترا ٽڪرا صاف ڪري اتي فصل پوکين ٿا. جن مهينن ۾ ڪين ڪيتن مان گهٽ اناج حاصل ٿئي ٿو تن مهينن ۾ ڪيترن جي پيٽ گذر جو سهارو ٻيلن ۾ ٿيندڙ شين تي ٿئي ٿو. ڪي ڳوناٽا ٻارڻ گڏ ڪري ته ڪي ڪاٺين مان ننڍيون وڏيون شيون ٺاهي وڪرو ڪن ٿا. ڳوناٽن کي ٻيلن جا وسيلا کهڙيءَ طرح سان استعمال ڪرڻا آهن ان جو سجو ڪار وهنوار ڪميٽيون هلائن ٿيون جن کي برادرين جي ٻيلائي ڪميٽين (Community Forest Committees) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

هڪ دفعي جڏهن ٻيلائي ڪميٽي ڏٺو ته ڪن هنڌن تان حد کان وڌيڪ مال استعمال ڪري ٻيلي کي نقصان پهچايو ويو آهي ته ڪميٽيءَ ماڻهن لاءِ نوان قانون ناهي ڪاٺين ڪرڻ جو مقدار گهٽائي ڇڏيو. اهي قانون ايترا سخت هيا جو ڪيترن ماڻهن جو گذرسفر خطري ۾ پئجي ويو. جيڪي ماڻهو ٻارڻ ۽ ڪاٺ جون شيون ناهي وڪڻندا ٿي رهيا تن کي انهن مان آمدني حاصل ٿي نٿي سگهي. ان سبب جن مهينن ۾ اناج جي ڪوٽ ٿي ٿِي ته انهن ڪٽنبن کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا ٿي پيا.

جيئن ته ٻيلائي ڪميٽيون ساڳئي راڄ جون هيون ان سبب اهڙا اپاءَ ڳولهڻ شروع ڪيا ويا ته جيئن راڄ جو ڪوبه ماڻهو بک مري نه سگهي ته ساڳئي وقت ٻيلي جو به بچاءُ ٿيندو رهي. ڪيترين گڏجاڻين ڪانپوءِ آخر هڪ فيصلو ڪيو ويو. ٻيلن جي قانون ۾ تبديلي آڻڻ بجاءِ ڪميٽيءَ فيصلو ڪيو ته اها آباد ٿيندڙ زمين تي لهوارين رڪاوٽن (contour barrier) رستي سڏارا آڏي پاٽيءَ جي وهڪري ۽ زمين جي ڪاڌ کي گهٽائيندي. ايئن ڪرڻ سان زمين جي زرخيزي وڌي ويندي ۽ فصلن کي وڌيڪ پاڻي ملڻ سبب وڌيڪ اُپت ٿيندي ۽ هر هڪ کي ايترو گهڻو اناج حاصل ٿي سگهندو جو ٻيلي کي نقصان پهچڻ جو خطرو نه رهندو.



## ماحولياتي سياحت



ماحولياتي سياحت ڏانهن ڏيان ڏيڻ سان ٻيلن جو بچاءُ ٿي سگهي ٿو

ماحولياتي سياحت (ecotourism) ٻـ آمدنيءَ جو هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ ماڻهو ڪنهن علائقي جي قدرتي سونهن ڏسڻ يا اتي ٿيندڙ جانورن ۽ ٻوٽن بابت ڄاڻڻ لاءِ اچن ٿا. ڪن قسمن جي ماحولي سياحت جون اهڙيون رٿائون ٻـ ٿين ٿيون جن لاءِ ماڻهو رڳو قدرتي حسن پسڻ لاءِ اچن ٿا ته ڪي ٻين ڪي رڳو ان سبب دعوت ڏين ٿا ته جيئن اهي اتي جي ماڻهن سان گڏ رهي ماحول کي بچائڻ بابت پرائي سگهن. انهن ۾ ڪي اهڙيون رٿائون ٻـ ٿين ٿيون جن هيٺ سياحن کي ڪوٺي، ماحول کي بچائڻ جي سرگرمين ۾ شامل ٿيڻو پوي ٿو.

ٻيلائي برادرين لاءِ ماحولي تفريح رستي آمدني حاصل ڪرڻ هڪ سنو طريقو ٿـئي ٿـو. جڏهـن تـه اهڙو ڪو پروگرام شروع ڪرڻ ۽ هلائڻ نـه رڳو مهانگو ٿئي ٿو تـه ان لاءِ ڏيان سان رٿابندي ٻـ ڪرڻي پوي ٿي. سياحن کي ڪاڏي، آرام، رهائش جي سهولت ڏيڻ ۽ سونهين ٿيڻ سميت سندن مختلف ريتن رسمن هجڻ سبب گهڻي صبر کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. اهو ٻـ ممڪن ٿي سگهي ٿو تـه ساڻن ڪي حادثا ٿي پون يا سندن صحت سنڀال لهڻي پوي. سياحن کي اهڙا ماڳ گهمڻ ۽ ڏسڻ لاءِ رسالن ۽ انٽرنيٽ رستي اشتهاربازي ڪرڻي پوي ٿي، چوپڙيون ڇپرائڻيون پون ٿيون ۽ مشهوري ڪرائڻي پوي ٿي.

ماحولي سياحت جون رٿائون سدائين پائدار نٿيون ٿين. انهن رٿائن جو ڌيان سان انتظام ڪرڻو پوي ٿو تـه جيئن، ان رستي حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ مان سڄي برادريءَ کي فائدو حاصل ٿي سگهي پر نـه ڪي ٻاهرين ايجنٽن يا ڪاروباري ماڻهن يا چند مقامي ڪٽنبن کي. ڪامياب ماحولي سياحت جي رٿائن ۾ عام طور تي سياحن جو انگ گهٽ هجي ٿو تـه جيئن ڪٽنبن تي گهٽ دباءُ پوي ۽ ماحول کي ٻـ گهٽ ڇيهو رسي سگهي.

## ٻيلن جو غير عمارتي ڪاٺ / پيداوار

سواءِ ڪاٺ جي، ٻيلن جي غير عمارتي ڪاٺ يا پيداوار ۾ هر اها شئي ٿي سگهي ٿي جيڪا ڪنهن ٻيلي کي نقصان پهچائڻ بنا گڏ ڪري وڪرو ڪئي وڃي ٿي، جنهن ۾ مڱ، ميوو، جڙيون ٻوٽيون ۽ ٽانگر ٽاريون اچي وڃن ٿيون. جيڪي برادريون، ٻيلن جو غير عمارتي مال ڪاميابيءَ سان وڪرو ڪنديون رهن ٿيون تن جي مشاهدي مطابق، هيٺين هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو:

- اهڙا واضح قانون هجڻ تـه اهڙي پيداوار ڪير حاصل ۽ وڪرو ڪري سگهي ٿو ۽ ڪهڙي پائدار طريقي رستي وڌ ۾ وڌ بهترين طريقي سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. جڏهن هڪ دفعو اهڙي پيداوار مقبول ٿي وڃي تـه اها حد کان وڌيڪ حاصل ڪرڻ سبب خطري ۾ اچي وڃي ٿي. جڏهن تـه اها رڳو ايتري مقدار ۾ گڏ ڪرڻ گهرجي تـه جيئن اڳتي لاءِ ٻـ سولائيءَ سان پيدا ٿيندي رهي.
- اهڙي پيداوار/ مال/ وڪر جي وڪري ڪرڻ جو بندوبست ڪريو يا مارڪيٽ ڳولهيو. ڇو تـه، جيڪڏهن اهڙو وڪر وڪرو يا استعمال ٿي نٿو سگهي تـه ان جو حاصل يا گڏ ڪرڻ اجايو ۽ زيان ٿئي ٿو.

## ٻيلي مان دوائون حاصل ڪرڻ



انديا ۾ بنگال جي اپسمنڊ پرسان، ڪيترا ماڻهو جڏهن بيمار ٿي پون ٿا ته حڪيمن وٽ وڃن ٿا. حڪيم پنهنجيون دوائون ٻيلن جي جڙين ٻوٽين مان حاصل ڪن ٿا. هڪ ڏينهن هڪ غير سرڪاري تنظيم جا ماڻهو هڪ ڳوٺ جي ماڻهن کي اهڙيون جڙيون ٻوٽيون گڏ ڪري شهر ۾ وڪڻي پئسن ڪمائڻ لاءِ مدد ڪرڻ جي خيال سان آيا. هنن پنهنجي تنظيم رستي وڻن کي وڍڻ بنا اهڙيون دوائون حاصل ڪري پئسن ڪمائڻ ۾ مدد ڪئي.

ڳوناٽا ان ڳالهه تي به خوش ٿيا ته کين، پئسن ڪمائڻ جو هڪ نئون طريقو مليو ويو آهي جنهن سبب ڪيترا ماڻهو جڙيون ٻوٽيون گڏ ڪرڻ ۽ وڪڻڻ ۾ لڳي ويا. جڏهن ته، هنن حڪيمن کان جڙين ٻوٽين کي نقصان رسائڻ بنا گڏ ڪرڻ جو نه ته طريقو پڇيو نه ئي ان ڳالهه ڌانهن ڌيان ٿي ڏنو ته اهي ڪيتري مقدار ۾ گڏ ڪري رهيا آهن.

پئسن ڪمائڻ جي جنون ۾، ڪيترن ڳوناٽن ته موربگو وڻن کي نقصان پهچايو. بجاءِ ان جي ته وڻ جو ڇلهو ڪوٽي ان جون ڪجهه پاڙون گڏ ڪن، ڪن ماڻهن ته سڄو وڻ ڪيرائي ٿي ڇڏيو. جنهن جو اهو نتيجو نڪتو ته، ٿورڙي وقت اندر سڄي ٻيلي مان گهٽي پاڳي سپ جڙيون ٻوٽيون ختم ٿي ويون جنهن سبب حڪيمن وٽ ايتريون جڙيون ٻوٽيون نه بچيون ته اهي علاج لاءِ استعمال ڪري سگهن. پوءِ جڏهن ڳوناٽا بيمار ٿي پوندا هيا ته کين گهڻا پئسا خرچ ڪري دڪانن تان دوائون وٺيون پونديون هيون. آخر ۾ ايئن بيدرديءَ سان جڙيون ٻوٽيون حاصل ڪرڻ ۽ انهن جو آئيندي لاءِ بچاءُ نه ڪرڻ سبب نه رڳو ماڻهن پر ماحول جي صحت به تباهه ٿي وئي.

## ٻيلي جي تباهي

گهڻن ٻيلن جي تباهي، ڪاٺ وڍيندڙ ۽ اهڙين ڪمپنين ڪن ٿيون جيڪي غير پائدار طريقن رستي وسيلن جو استعمال ڪن ٿيون. ايئن جڏهن ڪا وڏي ڪمپني ڪوهڪ ٻيلو تباهه ڪري پورو ڪري ٿي ته پوءِ ڪنهن ٻئي ٻيلي جورخ ڪري ٿي. جڏهن ته اهڙي تباهه ٿيل ٻيلي يا ان جي آسپاس ۾ رهندڙن ماڻهن کي عام طور اتي ئي رهڻو پوي ٿو.

جڏهن ته جن ماڻهن جو ٻيلن تي سنئون سڌو مدار نٿو ٿئي پر تنهن هوندي به اهي ٻيلن مان حاصل ٿيندڙ ڪيترين شيون استعمال ڪندا رهن ٿا جهڙوڪ: ڪتاب، اخبارون، عمارتي سامان، ڪاٺ خوراڪ جهڙوڪ وڏو گوشت، سويا (soy) پام تيل (palm oil) ۽ معدنيات جيڪا ڪوتي حاصل ڪئي وڃي ٿي. ايئن به ڪو ورلي ٿئي ٿو ته اهڙن طريقن سان شيون حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهو ٻيلن جو خيال ڀرڻ لاءِ اونو ڪندا يا سوچيندا هجن.

### ٻيلن کي ڪيئن اجاڙيو/ ڦٽايو ۽ تباهه ڪيو وڃي ٿو؟

جيڪڏهن ٻيلن جي وسيلن جو اهڙيءَ طرح سان استعمال نه ڪيو ۽ سنڀال نه لڌي وڃي ته جيئن انهن جي واڌ به ٿيندي رهي ته اهو ڏينهن پري ڪونهي جڏهن اسان جا سڀ ٻيلا ختم ٿي ويندا. ٻيلن جي وڏي پئماني تي تباهي جا ڪارڻ آهن:

- **وڻ وڍي ميدان ڪري ڇڏڻ** (جڏهن ڪنهن علائقي جا وڻ فرنيچر وغيره لاءِ وڍيا وڃن) جنهن سبب زمين ڳتجي وڃي ۽ ڪاڏ ڪرڻ شروع ڪري ٿي، جهنگلي جيوت تباهه ٿي وڃي ٿي ۽ واهڙ لٽ سان لتجي وڃن ٿا.
- **وڏي پئماني تي ٿيندڙ تجارتي پوک**، چوپائين جي ڪيتن ناهڻ ۽ وٽن پوکڻ لاءِ ٻيلن جي زمين جو صفايو ڪيو وڃي ٿو.
- **جهينگن جا فارم** ناهڻ لاءِ تمر جا وڻ ۽ ساحلي ٻيلا ڪٽي صاف ڪيا وڃن ٿا. عام طور تي ننڍين ساٿڪين برادرين کي نڪمو ڪيو ۽ پاڻي جي غلاظت ڪئي وڃي ٿي جنهن سبب بيماريون، غربت ۽ ڪاڏي جي اوڻائپ ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو.
- **ڪاغذ ناهڻ جي ڪارخانن** جي زهريلي غلاظت زمين، پاڻيءَ ۽ هوا کي ڪنو ڪري ڇڏي ٿي.
- **ڪاٽيون ڪوٽيندڙ تيل ۽ گئس ڪمپنيون** ٻيلا ڪٽي اهڙي زهريلي غلاظت خارج ڪن ٿيون جيڪا پاڻي، زمين ۽ هوا کي غليظ ڪندي رهي ٿي.
- **ڊئمن جون وڏيون رٿائون** ٻيلن جي وڏن حصن کي ٻوڙي ڇڏين ٿيون. ڊئم وارن هنڌن تان مجبور ٿي لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهو وڌيڪ ٻيلا وڍي نوان گهر ۽ نيون زمينون تيار ڪن ٿا.



جڏهن ٻيلا پيداواري ٿيڻ سبب خريد ۽ وڪرو ڪيا وڃن ٿا تڏهن واپاري ادارا ۽ حڪومتون ورلي ڪو انهن جو ماڻهن جي صحت ۽ سندن گذرسفر تي پوندڙ اثرن لاءِ ويچارين ٿيون.

# پيلن تي جهيڙا

جيئن تہ پيلن جا وسيلا محدود ٿين ٿا ان سبب مختلف طريقن سان پيلن جا وسيلا استعمال ڪندڙ ماڻهن ۾ عام طور تي جهيڙا ٿيندا رهن ٿا. ساڳئي طرح سان پيلن جي محتاج مقامي برادرين ۽ صنعتن وچ ۾ جيڪي ٻاهرين ماڻهن جون ٿين ٿيون ۽ پيلن جا وسيلا حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون، تن ۾ فساد بہ ٿين ٿا.

## سماجي ناٽڪ

سماجي ناٽڪ منڊلين رستي، ماڻهن کي اهڙن جهيڙن ۽ انهن جي ڪارڻ بابت ڳالهين سمجهائڻ ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي تہ ماڻهو انهن خلاف قدم کڻي ۽ تبديلين آڻن بابت بہ ممڪن اپاءَ ڳولهي سگهن ٿا (سماجي ناٽڪن لاءِ وڌيڪ ڏسو ص. 17 ۽ هيسپيرين جو ڪتاب "هيلپنگ هيلٿ ورڪرس لرن").

❶ **ماڻهن کي 5-5 جي ٽولي** ۾ ورهائي هر ٽولي سان هڪ مختصر ڳالهہ ڪري اهڙي صورتحال بيان ڪريو جنهن سبب پيلن جي وسيلن تي جهيڙو ٿي سگهي ٿو.



هڪ اهڙي صورتحال پيش ڪيو جنهن تي ماڻهو ويساهہ ڪري سگهن، پر ڪابہ اهڙي مقامي صورتحال بيان نہ ڪريو جنهن سبب شامل ٿيندڙ ماڻهو شرم محسوس ڪن يا ڪاوڙ جو اظهار ڪن. اهڙو ناٽڪ تڏهن وڌيڪ اصلي ٿي سگهي ٿو جڏهن شرڪا ڪي مختصر سادا لباس ۽ علامتي پوشاڪون (prop) بہ استعمال ڪري پنهنجي پيش ڪندڙ ڪردار کي واضح ڪن.

❷ **هر ٽوليءَ کي چئو تہ** اها 5 منٽن جي ناٽڪ ڪرڻ لاءِ 15 کان 20 منٽن ۾ تياري ڪري ايئن هر ٽولي ٻين شرڪائن لاءِ پنهنجو ناٽڪ پيش ڪري ٿي. جڏهن هر هڪ، سماجي ناٽڪ پورو ڪري ٿي تہ پوءِ برادرين جي جهيڙن جي اپائن تي بحث شروع ڪيو وڃي ٿو. يا توهان تيستائين انتظار ڪري سگهو ٿا جيستائين سڀ ٽوليون پنهنجا ناٽڪ پورا ڪن تہ جيئن پوءِ گڏجي بحث شروع ڪري سگهجي.

❸ **توهان ڪيئن محسوس ڪيو؟** سماجي ناٽڪ پورا ڪرڻ کانپوءِ بحث شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ (ڏسو ص. 189) هر هڪ شريڪ ٿيندڙ کان پڇي ڏسو تہ هن پنهنجو ڪردار ادا ڪندي ڪيئن محسوس ڪيو. ڏسندڙن کان بہ پڇو تہ، هنن هر سماجي ناٽڪ دوران ڪيئن ٿي محسوس ڪيو ۽ اداڪارن کين جهيڙي بابت ڪيئن ٿي محسوس ڪرايو.



## سماجي ناٽڪ (جاري)

هيٺين مان ڪي ڳالهيون چونڊي پيلن بابت ٿيندڙ جهيڙن جا سماجي ناٽڪ تيار ڪريو يا برادريءَ ۾ ٿيندڙ حقي جهيڙن کي سماجي ناٽڪ جو روپ ڏئي پيش ڪريو.



**صورتحال 1.** ڪردار: ماڻهو ڍڳيءَ سان، جڙيون ٻوٽيون گڏ ڪندڙ برادريءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ. پنهنجيءَ وسنديءَ مان ڪيترا سال ٻاهر رهڻ کانپوءِ هڪ ماڻهو 10 ڍڳين سميت واپس اچي ڍڳين کي برادريءَ جي پيلي جي زمين تي چرڻ لاءِ ڇڏي ڏئي ٿو. برادريءَ جا ٻيا ماڻهو جڏهن پيلي مان دوائون ۽ ڪاٺيون گڏ ڪرڻ وڃن ٿا ۽ ڏسن ٿا ته، اتي ڍڳين ايترو چريو آهي جو سندن لاءِ نالي ماتر چارو وڃي بچيو آهي. هو گڏجاڻي سڏائي ان مسئلي تي بحث ڪن ٿا. ڍڳين واري ماڻهوءَ جو زد آهي ته ڪيس پنهنجين ڍڳين چارڻ جو حق آهي پوءِ پلي ته هو ڪيترو به چرن، برادريءَ جا ٻيا ماڻهو سندس ڳالهه نٿا مڃين، پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟



**صورتحال 2.** ڪردار: ڪي نوجوان وڻ وڍي رهيا آهن، سرڪاري ورڪر، ٻارڻ گڏ ڪندڙ عورتون. ڪيترا ڳوناٽا اجازت کانسواءِ برادريءَ جي زمين جا وڻ وڍي هڪ سرڪاري ورڪر کي وڪڻي رهيا آهن جيڪو سڄو مال ٽرڪ رستي ڪٽي وڃي ٿو. هڪ عورت جيڪا سدائين اتي ٻارڻ گڏ ڪرڻ لاءِ وڃي ٿي نوجوانن کي وڻ ڪٽيندي ڏسي ٿي. انهن مان هڪ سندس پٽ آهي. هوءَ واپس گهر اچي ٻين نوجوانن جي مائرن سان اها ڳالهه ڪري ٿي. ٻئي ڏينهن تي عورتون گڏجي پيلي ۾ وڃن ٿيون ۽ نوجوانن کي وڻن وڍڻ کان جهلين ٿيون. پهرئين عورت جو پٽ کين چوي ٿو ته، هو وڻ وڍي وڪڻي ان مان هو پنهنجيءَ ڌيءَ ۽ پوٽيءَ لاءِ دوائون خريد ڪندو. اڳي ڇا ٿو ٿئي؟

**صورتحال 3.** ڪردار: برادريءَ جا ماڻهو ڪهاڙين ۽ ڍڳن سميت، سرڪاري ماڻهو جديد ڪاراين ۽ ٽرڪ سميت، ڳوٺ جي ڪائونسل جا ماڻهو.



ڪيترن زمانن کانوٺي ماڻهو ڍڳن رستي وڻن ج رهيا آهن. جڏهن ته هاڻ، مقامي سرڪار جا ڪارايون ڪٽي اچن ٿا، وڻ وڍين ٿا ۽ چون ٿا ته پ جي ملڪيت آهي. پوءِ هڪ ڏينهن، سرڪاري بلڊوزرن ۽ وڏي مشينريءَ سميت اچي رسن ٿا پيلي ۾ هڪ روڊ ناهڻ چاهين ٿا ان سبب وڏا وڏ وڻ وڍڻ چاهين ٿا. ڪجهه ڳوناٽا پيلي ۾ وڃي ساٿن مهاڏو اٽڪائين ٿا. پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟

## سماجي ناٽڪ (جاري)




**4 هر سماجي ناٽڪ تي بحث ڪريو.**

سيني اداڪارن کي چئو تہ اهي پنهنجون علامتي پوشاڪون يا ڪپڙا ڪمري جي آڏو هڪ ڍير جي صورت ۾ لاهي توليءَ ڏانهن واپس وڃن. پوءِ اهڙا سوال پڇو جن سان سڄيءَ توليءَ کي هيٺين ڳالهين سمجهڻ ۾ مدد ملي:

- ٻڌايو تہ سماجي ناٽڪن ۾ ڇا ٿيو.
- ٻڌايو تہ اهي ڪهڙا سبب هيا جن ڪري جهيڙا ٿيا.
- انهن ضرورتن جي نشاندهي ڪريو جيڪي جهيڙن جو اصل ڪارڻ هيون.
- اهڙا اپاءَ ٻڌايو جن رستي اهڙن جهيڙن جا دائمي اپاءَ وٺي سگهون ٿا.

اهي ڳالهيون هر سماجي ناٽڪ سان ورجايو. سهائتڪ چاهي تہ اهم ڳالهيون/ صلاحون هڪ وڏي پني تي يا چاڪ سان بورڊ تي لکي سگهي ٿو.

س: جهيڙو ڇو ٿيو؟

ج: هڪ فرد ڍڳيون پالڻ چاهيون پر انهن ٻيلي کي نقصان رسايو.

س: ان ماڻهو اهو ڇو ٿي سمجهيو تہ ڪيس ٻيلي ۾ ڍڳين چارڻ جو حق آهي؟

ج: ان بابت ڪو ناهہ ٿيل نہ هو تہ ٻيلو ڪير استعمال ڪندو ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ.

س: ٻيلي کي ٿيندڙ نقصان برادرين کي ڪيئن ٿو متاثر ڪري؟

ج: ڪين نہ تہ دوائون ۽ نہ ئي ڪاٺ ٿو ملي سگهي.

س: اهي ڪهڙيون ضرورتون آهن جيڪي جهيڙن جو ڪارڻ بڻجن ٿيون؟

ج: ٻيلن جي پيداوار حاصل ڪرڻ ۽ مال چارڻ جي ضرورت.

س: ڇا اهڙو ڪو طريقو آهي جنهن سان ٻئي ضرورتون پوريون ٿي سگهن؟

ج: مال اهڙي هنڌ تي بہ چري ٿي سگهيو جتي ٻوٽا نٿا ٿين، جن جي برادرين کي ضرورت ٿئي ٿي.

ج: يا ڳيو هڪ لوڙهو ڏئي سگهيو ٿي.

ج: يا ڳيو ٻيلن جي پيداوار حاصل ڪرڻ جي حق تان هٿ کڻي موٽ ۾ پنهنجي مال چارڻ جو حق جتائي سگهي ٿو ۽ جڏهن ڪيس ٻيلي جي مال جي ضرورت پوي تڏهن اهڙي مٽا سٽا جو سودو ڪري سگهي ٿو.



س: ڇا اهڙي جهيڙي نبيرڻ سان برادريءَ جي معيار تي گهٽو يا ٿورو فرق پوندو؟

جيڪڏهن بحث سبب گهٽي اٽڪٽ پيدا ٿي پوي تڏهن ضروري ٿئي ٿو تہ بحث اهڙي طرح ختم ڪجي تہ جيئن هر هڪ ڪير ڪندڙ رهي. جيڪڏهن سڀ گڏجي ڪو گيت ڳائين يا هڪٻئي سان سهڪار ڪرڻ جي ڪا مشغولي ڪن تہ ماڻهن ۾ سدائين هڪ سٺو احساس رهي ٿو.

# ٻيلن جو پائدار استعمال

ٻيلن جي پائدار انتظام مان مراد آهي، ٻيلن جو اهڙي طرح سان استعمال ڪرڻ ۾ انهن جي سنڀال لهڻ ته جيئن روزانيون ضرورتون به پوريون ٿينديون رهن ته ٻيلن جو آئيندي لاءِ به بچاءُ ٿيندو رهي. جڏهن ته سيني هنڌن تي هڪجهڙا پائدار طريقا استعمال ڪري نٿا سگهجن. ان لاءِ هر برادريءَ کي ڏسڻو پوي ٿو ته انهن ۾ ٻيلن جي پائداري قائم رکڻ جا ڪهڙا طريقا بهتر ٿي سگهن ٿا.

ٻيلن جي پائدار طريقي سان سنڀال لهڻ جي رٿائن جوڙڻ سان، برادرين کي ٻيلن جي بهترين طريقي سان استعمال ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي ته ان سان صنعتن ۾ سرڪار طرفان ٻيلن کي پهچندڙ نقصان لاءِ به مزاحمت ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. ورلي، جڏهن توهان اهو ثابت ڪيو ٿا ته ٻيلن جي پيداوار پائدار طريقي سان حاصل ڪئي ويئي آهي، تڏهن توهان کي ٻيلن جي مال جو سٺو اجورو ملي ٿو. ٻيلن جي پائدار انتظام جو هڪ وڏو ۾ وڏو اهم حصو ٻيلن جي بچاءُ ۾ استعمال لاءِ مقامي ماڻهن کي گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.



وڻن کي وڌيڪ وڌيرڪو رکڻ لاءِ ڪٽي ڇڏڻ سان اهي ڪشادي ۾ صحتمند واڌ ڪن ٿا

اهڙا ڪجھ طريقا جڏهن هڪ ئي وقت ٻيلن جو استعمال ۾ بچاءُ ڪرڻو پوي ٿو ته ان ۾ ورلي هيٺيون ڳالهيون شامل ٿين ٿيون:

**ڇانگڻ:** ولين، ٻوٽن ۾ وڻن کي ڇانگڻ سان ٻيلي ۾ وڌيڪ اس پوي ٿي جنهن سان توهان جيڪي وڻ پوکڻ چاهيو ٿا اهي واڌ ڪري سگهن ٿا.

**زمين سنڀاهڻ:** زمين سنڀاهڻ (enrichment) جو مطلب آهي پراڻن وڻن هيٺيان نوان وڻ يا ٻوٽا پوکڻ يا جڏهن زمين تي اهڙن ننڍن ٽڪرن تي پوکيل وڻ پاڻ واڌ ڪري نه سگهن.

**وڻ وڍڻ ڪانپوءِ اتي نوان وڻ پوکڻ:** هن طريقي سان به اها پڪ ڪري سگهجي ٿي ته جن هنڌن تان وڻ وڍيا ويا آهن اتي نوان وڻ ۾ ٻج ڦٽي سگهندا.

**محدود باهه:** وڻن هيٺيان ڦٽندڙ سنهي جهنگ کي باهه ڏئي ساڙي سگهجي ٿو. سڙڻ کان پوءِ مٽيءَ سان غذائي جزا شامل ٿي وڃن ٿا ۽ وڻن کي نقصان ڏيندڙ جيت جڻيو به ناس ٿي وڃي ٿو. اهڙين محدود باهين لاءِ ڏيان سان رٿابندي ڪرڻي پوي ٿي ته جيئن باهه ضابطي کان نڪري ڪو وڏو نقصان نه ڪري وجهي.

**وڻن وڍڻ جي چونڊ ڪرڻ:** ان لاءِ رڳو چند وڻن جي چونڊ ڪرڻي پوي ٿي ته ساڳئي وقت ننڍن ۾ نون وڻن سميت ڪيترن تندرست پراڻن وڻن جو به خيال ڪرڻو پوي ٿو ته جيئن اهي مٽيءَ کي سوڳهو جهلي سگهن ۾ اڳتي لاءِ ٻج به ڏيندا رهن.

وڻن وڍڻ جي چونڊ ڪرڻ سان مستقبل لاءِ ڪيترن وڻن جو بچاءُ ٿئي ٿو ۽ ٻيلو واڌ ويجھ ڪندو رهي ٿو.



چونڊ ٽڙن جي بچاءُ ڪرڻ سان ڪن وڻن جو آئيندي لاءِ بچاءُ ٿئي ٿو ۽ ٻيلا واڌ ڪندا رهن ٿا.

**ٻيلن جو غير عمارتي مال گڏ ڪرڻ ۽ وڪڻڻ**: بجاءِ ڪاٺ جي، ٻيلن جو غير عمارتي مال وڪڻڻ بہ هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن سان ٻيلي جو بچاءُ ٿئي ٿو تہ ساڳئي وقت پئسو بہ ڪمائي سگهجي ٿو.

**معاوضو ڏيڻ**: جيڪڏهن ڪيتين ڪي پنهنجو مال ٻيلي ۾ نہ چڏڻ ۽ آبادگارن کي پنهنجين زمينن تان وڻن نہ وڍڻ جو معاوضو ڏنو وڃي تہ ان سان بہ ٻيلن کي صحت مند ۽ سرسبز رکڻ سميت ڪيترن جهيڙن کان بہ بچي سگهجي ٿو.

**جهنگلي جيوت جا لنگهہ / گس سانڍڻ**: ٻيلن يا جهنگلي زمين کي ڳنڍيندڙ علائقن جي سانڍ سان جهنگلي جيوت کي پنهنجي زندگي گذارڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ سهوليت ٿئي ٿي.

**وڻڪارڻ**: زمين جا اهڙا ننڍا ٽڪرا جتان گهٽي پاڳي وڻ وڍيا ويا آهن يا جن هنڌن تي ٻيلن جو نالو نشان باقي نہ رهيو آهي اتي زمين، هوا ۽ پاڻيءَ جي بهتريءَ جو هڪ طريقو اهڙن هنڌن تي وڻڪار ڪرڻ آهي. پوءِ پلي تہ اهڙا هنڌ ڳتيل شهري ۽ ڳوٺن جا چو نہ هجن.

**قدرتاً نئين سر ڦٽندڙ ٻيلا**: اهڙن ٻيلن جي گهٽ استعمال ڪرڻ سان جتان تمام گهڻا وڻ وڍيا ويا هجن ۽ هاڻ اتي قدرتاً نئين سر ڦٽي رهيا آهن، ٻيلا وري مچي وڃن ٿا.

**جانورن رستي وڻ ڪيڙڻ**: جيڪڏهن وڻن جا ٽڙ، زمين مان پاڙون چڪي ڪيڍيا وڃن تہ ان سان زمين کي گهٽ نقصان ٿئي ٿو بنسبت بلڊوزرن يا وڏين مشينن استعمال ڪرڻ جي.

جانور، مشينن جي پيٽ ۾ ٻيلي جي زمين کي گهٽ پيڪوڙين ٿا.



**چوڏا لاهڻ ۽ ٽاريون ڪٽڻ**: ڪريل وڻن کي ٻيلن کان ٻاهر ڪيڍڻ کان اڳ ۾ جيڪڏهن انهن جو چوڏو لاٿو ۽ ٽاريون ڪٽيون وڃن تہ ان سان ٻين ٻوٽن کي گهٽ نقصان پهچي ٿو. بنسبت زمين مان چڪي ڪيڍڻ جي. چوڏو ۽ ٽاريون ڳري سڙي زمين کي زرخيز ڪري ڇڏين ٿيون.

**ماحولي سياحت**: ماحولي سياحت بہ هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ وڻن وڍڻ يا ماحول کي نقصان پهچائڻ بنا سياحن / سيلانين کي ٻيلي جي قدرتي سونهن ڏيکاري پئسا ڪمائي سگهجن ٿا.



ٻيلن کي استعمال ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن جن سان انهن کي آئيندي لاءِ صحتمند رکي سگهجي ٿو.

**ٻيلي جي سنڀال جي هڪ رٿا جوڙڻ**

صفحي 191 تي ڏنل سرگرمي ڪرڻ کانپوءِ هيٺين سوالن بابت سوچيو:

- **ٻيلي مان اسانکي ڪهڙا فائدا ٿين ٿا ۽ ڪهڙو مال حاصل ٿئي ٿو؟** ڪهڙن قسمن جا وڻ، ٻوٽا ۽ جانور استعمال ڪيا وڃن ٿا؟ هر موسم ۾ انهن جو ڪيترو استعمال ڪيو وڃي ٿو؟ ڇا جتي ان قسم جا وسيلا موجود آهن اتي اهي آهستي آهستي گهٽ ٿي رهيا آهن يا هميشہ لاءِ ختم ٿي ويا آهن؟
- **اسان ٻيلي جي ڪهڙي طرح سان پالنا ڪريون ٿا؟** ڇا برادري وڻ پوکي ٿي، ڪن حصن جو بچاءُ ڪري ٿي يا اهڙن ڪن ٻين طريقن سان پڪ ڪندي رهي ٿي تہ ٻيلو صحتمند رهي ٿو.
- **ڇا ٻيلن جي ڪن حصن جي استعمال بجاءِ بچاءُ ڪرڻ گهرجي؟** جيڪي ماڻهو ٻيلن جي اهڙن حصن جو استعمال ڪن ٿا انهن جو ماڻهن تي ڪهڙو اثر پوندو؟
- **ڇا ٻيلي جي ڪن حصن لاءِ پائدار طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن؟** ٻيلن جي سنڀال لهڻ لاءِ برادرين وٽ ڪهڙي قسم جي ڄاڻ آهي تہ جيئن ان جي مدد سان اهڙيون تبديليون آڻي سگهجن؟
- **ٻيلن جي پائدار سنڀال کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اسانکي ڪهڙن قسمن جي گُرن ڄاڻن جي ضرورت آهي؟** جيڪڏهن اسان اهڙن گرن کان اڻڄاڻ آهيون تہ ڇا اهي سکي سگهون ٿا؟ ڇا ان لاءِ اسانکي ٻين تنظيمن تي ڀاڙڻ گهرجي؟ اسانکي جن تنظيمن تي ويساهہ آهي تہ اهي اسانکي گرن سيکارڻ ۽ ڄاڻ مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون تن سان گهرو ناتو ڪيئن جوڙڻ گهرجي؟
- **اسان جي برادري پنهنجن ٻيلن جي رٿائن تي ڪيئن ضابطو رکي سگهي ٿي؟** اهڙيون تنظيمون جيڪي سٺيءَ طرح سان منظم ٿيون ٿيون اهي سدائين ٻيلن ۾ ٻين ۽ ٻاهرين کي سگهارو ۽ چٽو سنيهو ڏينديون رهن ٿيون، تہ هو عام طور تي جيڪو چاهين ٿيون ان مان ٻيلن جي پائدار رٿائن رستي وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿيون.
- **اسان پنهنجي پيداوار مارڪيٽ تائين ڪيئن رسائي سگهون ٿا؟** عام طور تي اهڙي پيداوار ملڪي يا پرڏيهي مارڪيٽن تائين پهچائڻ مهانگي ٿئي ٿي بنسبت مقامي مارڪيٽ جي. جڏهن تہ مقامي قيمتون گهٽ هجن ٿيون تہ وڪرو بہ گهٽ قيمت تي ٿين ٿيون.
- **اسان جي ٻيلن جي پيداوار ڪيتري قيمتي ٿي سگهي ٿي؟** جيڪڏهن توهان پنهنجي ٻيلن جي پيداوار جي سٺي قيمت حاصل ڪرڻ بابت ٻڏتر ۾ آهيو تہ ان لاءِ توهان ڪن فيئر ٽريڊ آرگنائيزيشن ( Fair Trade Organization) سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهو ٿا (ڏسو حوالا).
- **نئين رٿا سان ڪهڙيون تبديليون اينديون؟** ڇا نئين انتظامي رٿا سبب ڪن ماڻهن جي ٻيلن جي استعمال ڪرڻ جي لياقت محدود ٿي ويندي؟ ان جي موٽ ۾ برادري جي ڪهڙيءَ طرح سان مدد ڪري سگهجي ٿي؟



## ٻيلي کي بچائڻ ۾ پائگي پائيوار ٿيڻ

جيتري ٻيلن مان فائدو حاصل ڪندڙ وڌ ۾ وڌ گهٽين تولين سان پائيواري ڪبي، اوتري دلجاءِ ٿيندي ته ٻيلي جو اهڙي طرح سان استعمال ٿي رهيو آهي جيڪو هر هڪ جون ضرورتون پوريون ڪري سگهندو. جيڪڏهن پنهنجي تر ڪان ٻاهر ماڻهن سان پائيچاري ڪجي ته ان سان پڻ توهان جن حقن جو بچاءُ ٿي سگهندو.

### اميزان جي برساتي ٻيلي جو گڏجي بچاءُ ڪرڻ

امئزانگا (Amazanga) جا ماڻهو اصل اتي جا رهواسي نه آهن جتي هاڻ زندگي گذاري رهيا آهن. ڪوئيچوئا (Quichua) قبيلي جي ماڻهن جو، اميزان مان مجبوراً پنهنجا اباڻا پٽ ڇڏڻ جو سبب تيل هارجڻ هيو. پر جڏهن سندن نون اجهن کي به ٻيلن کي صاف ڪرڻ ۾ صنعتي پوکي سبب خطرو وڌندو ويو ته هنن پنهنجي زمين کي پنهنجي ماڻهن جي ريتن رسمن رستي سنڀالڻ جو وچن ڪيو يعني ته شڪار ڪرڻ، مڇي مارڻ ۾ ڪاڏي ۾ دوائن لاءِ ٻوٽا گڏ ڪرڻ جيڪو سندن زمينن جي بچاءُ جو هڪ بهترين طريقو هيو.

پر ان لاءِ کين موجود زمين کان وڌيڪ زمين جي ضرورت هئي. امئزانگاين سرڪار کان وڌيڪ زمين جي گهر ڪئي ته جيئن هو ايئن زندگي گذاري سگهن جيئن سندن ابا ڏاڏا گذاريندڙ هيا. سندن چوڻ هيو ته "اسان زمين جي هڪ ٽڪري تي، ڳيي ٽڪر جيان پلجي نٿا سگهون". "اسان پنهنجيءَ خودمختياري جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون ۾ ان حق جي گهر ته جيئن ٻيلن رستي سٺي ستابي زندگي گذاري سگهون". جڏهن سرڪار سندن گُهر کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ته هنن بين الاقوامي ماحولياتي تنظيمن کي اباڻي زمين واپس خريد ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ چيو.

ڳوناڻن پنهنجن بين الاقوامي پائيوارن کي مدعو ڪري فوٽوڪيرايا ۾ ٻيلن کي رسمي طور سان استعمال ڪرڻ جون فلمون پرايون جيڪي هنن مختلف ملڪن جي ماڻهن کي وڃي ڏيکاريون. ڪيترن سالن ڪانپوءِ امئزانگا جا رهواسي ايترا پئسا گڏ ڪري چڪا هيا جو هنن اٽڪل 2000 هيڪٽر ٻيلو خريد ڪيو.

ايتري گهٽي زمين خريدڻ سبب سندن پاڙي ۾ رهندڙ شئار قبيلي ۾ شڪ پيدا ٿيو. جڏهن شئارين ساڳيءَ زمين تي پنهنجيءَ مالڪي جي ڳالهه ڪئي تڏهن امئزانگانين محسوس ڪيو ته ڪائنن غلطي ٿي آهي جو هنن بين الاقوامي تنظيمن سان ته پائيواري ڪئي پر پنهنجين پاڙيسرين سان صلاح ۾ معاهدو نه ڪيو. شئاري ايترا ته ڪاوڙيل هيا جو هنن جهيڙي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني. امئزانگانين ۾ شئارين پاڻ ۾ ڪيترين گڏجاڻيون ڪري ڪن گڏيل اصولن هيٺ ٻيلي ۾ پائگي پائيوار ٿيڻ تي راضي ٿيا. جيئن ته ڪوئيچوئا ۾ شئارين جي ٻيلن جي بهتر استعمال بابت ساڳئي سوچ هئي ان سبب منجهن سولائيءَ سان سهڪار پيدا ٿيو.

هنن زمين کي هڪ ٻيلي لاءِ سانڍي ڇڏيو ۾ ٻيلن جي سنڀال جي رٿا تي عمل ڪندي وڻن نه وڍڻ ۾ روڊن نه ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. سڄيءَ زمين کي "اميزان جي سيني اصلي قبيلن جو آبائي ورثو" قرار ڏئي ايندڙن نسلن لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو. ايئن اتي ويجهي ۾ پري کان ايندڙ سياحن تائين رسائي ڪري امئزانگا جا رهواسي پنهنجو ٻيلو بچائي، ثقافت سانڍي ٻين کي پنهنجن پنهنجن ٻيلن جي پوئين کي بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهندا.

## رکاڻ

تفريحي ٻيلا (forest parks) ۽ رکاٽيون (forest reserves) قائم ڪرڻ بہ هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن هيٺ حڪومتن ۽ بين الاقوامي تنظيمن کان ٻيلن جي تحفظ ۽ ماحولياتي سياحت کي زور وٺائڻ لاءِ سهائتا وٺي سگهجي ٿي. جڏهن تہ ورلي، حڪومتون ۽ **ماحول دوست تنظيمون** اهوئي سمجهن ٿيون تہ ڪنهن ٻيلي کي سنڀالڻ ۽ سانڍڻ جو واحد طريقو ماڻهن کي ٻيلن کان پري رکڻ آهن. ان لحاظ کان هو ڪيترن ڳالهين ۾ غلط آهن. ڇو تہ، ٻيلن ۾ رهندڙن کي ئي اها خبر هجي ٿي تہ ٻيلن جي سنڀال ۽ انهن جو استعمال ڪيئن ڪجي. ٻيلن ۾ رهڻ، تفريحي ٻيلن جي سنڀال لهڻ ۽ سانڍڻ جهڙا ڪم مقامي ماڻهو بهتر طريقي سان ڪري سگهن ٿا بنسبت ڪنهن حڪومت يا ماحول دوست ڪارڪنن جي.




ڪن اهڙين برادرين کي رکاڻ جي وسيلن تائين پهچ هجي ٿي، جن جو حڪومت ۽ مقامي برادرين جي ناهن هيٺ گڏيل انتظام هلايو وڃي ٿو. اهڙي ناهہ کي گڏيل انتظامي رٿا (co_management scheme) سڏجي ٿو.

گڏيل انتظامي رٿا، هڪ اهڙي ڀائيچاري آهي جنهن هيٺ ماڻهو پنهنجن رسمي ۽ پائدار طريقي سان ٻيلن ۽ ٻيلن جي پيداوار جو استعمال ڪندا رهن ٿا. رکاڻ سنڀاليندڙ برادريون، ٻين برادرين کي بہ ٻيلن جي سانڍ جي اهميت بابت سکيا ۽ تعليم ڏيئي سگهن ٿيون.

## ٻيلا جيڪي ماڻهن ۽ وڻن ٽڻن کي جياريندا رهن ٿا

برازيل ۾ اميزان جي برساتي ٻيلا وڍيندڙ ڪمپني، ياڳين ۽ جيڪي ٻيلا وڍي/ چانگي پئسو ڪمائين ٿا، ٻيلن ۾ پوکي راهي ڪن ٿا، ربڙ حاصل ڪن ۽ هنري ڪم ڪندا رهن ٿا تن ۾ عام طور تي جهڙپون ٿينديون رهن ٿيون. جڏهن برساتي ٻيلن جو هڪ وڏو حصو تباهه ٿي ويو ته اتي ڪم ڪندڙن ۽ مقامي ماڻهن آخر ۾ حڪومت کي ائڪسٽريڪٽو ڀنڊارن (extractive reserves، ٻيلن جا اهڙا وڏا حصا جيڪي تباهه ڪرڻ کان بچايا وڃن پر انهن جو محدود استعمال ڪري سگهجي ٿو) قائم ڪرڻ تي راضي ڪيو.



بدقسمتي سان ڪيترن سالن ڪانوني، ٻيلن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ائڪسٽريڪٽو ڀنڊارن جي استعمال جي حق کان محروم رکيو ويو جن جي بچائڻ لاءِ هو سالن کان سختيون سهندا ۽ وڙهندا رهيا هيا تنهن هوندي به اهي سندن پيٽ گذر جو بچاءُ ڪري نٿي سگهيا.

تاپاجوس ڪميونٽي فاريسٽ رزروائر جا رهاڪو رسمي طور تي پنهنجي گذ سفر لاءِ پوکي، شڪار ۽ ٻيلن جي پيداوار مان ٽوڪرا، هڙهيون ۽ دستڪاري جو سامان ناهيندا رهندا هيا. جڏهن ته کين دوائن، اوزارن، ٻارڻ، بجليءَ ۽ ٻين شين جي به ضرورت پوندي رهندي هئي جن رستي کين پئسو ڪمائڻو پوندو هو. ڪجهه مالي مدد سان هنن ڪباڪلو (Caboclo) جي گڏيل مقامي آباديءَ لاءِ جنهن ۾ آفريڪي ۽ يورپي نسل جا ماڻهو هيا هڪ واڍڪو ڪارخانو کوليو جنهنکي هنن، ڪباڪلو ورڪشاپ جو نالو ڏنو.

ورڪشاپ ۾ هنن رڳو اهڙن وڻن جي ڪاٺي استعمال ٿي ڪئي جيڪي پوکي ڪرڻ لاءِ زمين تان ڪٽيا ويندا هيا، هو انهن مان فرنيچر ناهي مقامي مارڪيٽ رستي سڄي برازيل ۾ وڪرو ڪندا هيا.

آمدني کين، ڪاٺ مان وڌيڪ شيون ناهي وڪڻي وڌيڪ پئسن ڪمائڻ لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪيو. جڏهن ته کين ڪنهن به ٻيلن وڻ وڍڻ جي تيسيتائين اجازت نه هئي جيسيتائين وٽن "ٻيلن جي وچور" ۽ "پائدار انتظامي رٿا" (sustainable management plan) جي ڪاپي وزارت ماحول کان پاس ٿيل نه هجي.

سرڪاري گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ کين اهڙي سڄي معلومات گڏ ڪرڻي ٿي پيئي ته، سڄي ٻيلي ۾ ڪل ڪيترا وڻ آهن ۽ هر سال ڪيترا نوان ڦٽا آهن. سرڪار کي اعتبار ئي نٿي آيو ته ڳوناٽا، جن مان گهڻا نه ته لکي ۽ نه ئي پڙهي ٿي سگهيا اهڙو ڪم ڪري سگهندا. پر، ڳوناٽا ته ٻيلي جي ان ڪم جا وڏا ماهر هيا. هو ڪيترن سالن کان ماحولياتي سائنسدانن لاءِ سڄي ٻيلي جا سونها رهندا ۽ کين جانورن ۽ ٻوٽن بابت سيکاريندا رهيا هيا. موٽ ۾ سائنسدانن کين هڪ اهڙو سادو گُر ڏسيو جنهن رستي هو ڪنهن وڻ جي واڌ ۽ اهو هر سال ڪيترو وڌي ٿي سگهيو ان جي ماپ ڪڍي ٿي سگهيا. ڳوناٽن هڪ اهڙي رٿا تيار ڪئي جنهن هيٺ هو ننڍيون پر معياري شيون ناهي ٿي سگهيا جهڙوڪ: وڊڪٽ لاءِ اڏيون وغيره. ايئن هو ڪاٺ جو رڳو ايترو استعمال ڪندا رهيا جيترو هڪ سال ۾ وڌي سگهيو ٿي.

وزارت صحت سندن رٿا جي منظوري ڏني. هاڻ ڪباڪلو ورڪشاپ کين ڪمائڻ جي اجازت ڏئي ٿو پر ٻيلن جي ناجائز استعمال کان سواءِ.

ڪباڪلو ورڪشاپ جي ٻيلن جي رهواسين اهو ڪجهه ڪيو آهي جنهن لاءِ ڪيترائي سائنسدان، معاشي ماهر ۽ ترقياتي ورڪر هڪ ڊگهي عرصي کان ڪوششون ڪندا رهيا آهن: ٻيلن لاءِ هڪ اهڙي سگهاري رٿا جوڙڻ جيڪا سندن برادريءَ ۽ انهن جي ٻيلن لاءِ پائدار هجي.

# ٻيهار ٻيلاڪاري (Reforestation)

قديم ٻيلا، (اهڙا پراڻا ٻيلا جن کي ڪڏهن به نه ته وڍيو ۽ نه ڪو سنگين ڇيهو پهچايو ويو آهي) آهستي آهستي ناياب ٿي رهيا آهن. جيڪڏهن هڪ دفعو به اهڙا قديمي ٻيلا هٽڻ مان ويا ته اهي وري نوبنا ٿي انهن انيڪ قسمن جي جانورن ۽ وڻن ٽڻن جا پيندار ٿي نه سگهندا جيڪي منجهن اڳ ۾ موجود هيا. جڏهن ته، ٻيهاري ٻيلن ( secondary forest ڇيهو رسايل ٻيلا جيڪي ٻيهر ڦٽي پون ٿا) کي جيڪڏهن ڦٽڻ جون ٻيهر سازگار حالتون مهيا ڪيون وڃن ته اهي به قديمي ٻيلن جهڙا ڪيترا وسيلا مهيا ڪري ۽ گوناگون جيوت پالي سگهن ٿا. ان ڪانسواءِ ماڻهو جڏهن ٻيلا پوکين ۽ انهن جي سنڀ ڄطرح سان سنڀال لهن ٿا ته اهي به برادرين جي صحت سهائتا لاءِ گهڻا وسيلا مهيا ڪن ٿا.

هڪ صحتمند ٻيلي کي وڌڻ ۾ وقت لڳي ٿو. جڏهن ته انهن کي ڦٽڻ ۾ زور وٺائڻ لاءِ توهان به ڪيتريون ڳالهيون ڪري سگهو ٿا جهڙوڪ: پنهنجي علائقي جي زمين جي ڪاڻ روڪڻ، زمين تيار ڪرڻ، ديسي يا علائقي لاءِ موزون وڻ پوکڻ سان ٻيلي کي سنڀي واڌ ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. هڪ صحتمند ٻيلي کي زور وٺرائڻ جو هڪ ٻيو طريقو وڻن جي قدرتي طريقن سان واڌ ڪرڻ به آهي (ڏسو باب 11).

## ڇا وڻ پوکڻ سدائين مددگار ٿين ٿا؟

ڪنهن به وسنديءَ ۾ ٻيهار ٻيلاڪاري رٿا تيار ڪرڻ کان اڳ ۾ اها پڪ ڪرڻ ضروري سمجهي وڃي ٿي ته اها توهان جي وسنديءَ ۽ مقامي ماحول جون ضرورتون پوريون ڪري سگهندي. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته وڻ، محدود پاڻي ۽ زمين جي حالت ۾ پوکن تي چڙهت ڪن. جڏهن ته ورلي، ڦندڙ وڻن جي سخت ماحولياتي حالتن ۾ سنڀال ڪرڻ تمام وڏو ڪم ٿئي ٿو. پر جي وڻ اهڙن هنڌن تي پوکجن جتي اهي ڦٽي نه سگهن يا انهن جي سنڀال لهي نه سگهجي ته اهڙيون رٿائون ناڪام ٿين ٿيون ۽ وڻ سڪي وڃن ٿا.

جيڪڏهن توهان جي برادري ٻيلن جي مال تي ڀاڙيندڙ آهي جهڙوڪ عمارتي ڪاٺ يا ميوو وغيره ته اهڙين حالتن ۾ ٻيلن جا وسيلا ترت حاصل ڪرڻ لاءِ وڻ پوکڻ هڪ ڏاهپ وارو قدم ثابت ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن توهان جي برادري جو مکيه مدار ان سبب ٻيلي تي آهي ته جيئن شڪارگاهه جون سهولتون هجن يا مٽي، هوا ۽ پاڻيءَ جو بچاءُ ڪري سگهجي ته توهانکي تهائين وڌيڪ فائدو ملي سگهي ٿو. بشرطيڪ توهان زمين جي اهڙن استعمال هيٺ ايندڙ هنڌن جو استعمال نه ڪري اتي پاڻهي ڦندڙ وڻن ٽڻن کي واڌ ڪرڻ ڏيو.

ٻيلا، هر هنڌ پوکڻ مناسب نٿا ٿين. رڳو ڪي وڻ قدرتاً ريگستانن، ڊٻي هنڌن يا چراگاهن ۾ ٿين ٿا. جيڪڏهن ماڻهو اهڙن هنڌن تي وڻن پوکڻ جي ڪوشش ڪندا ته ان سان وڻن ۽ جانورن جو توازن هيٺ مٿي ٿي ويندو. پر جن هنڌن تي گهٽ وڻ ٿين ٿا جهڙوڪ شهر ۽ ڳوٺ اتي لنگهن، رستن، ڪارخانن وبجهو ۽ باغن باغيچن ۾ وڻ پوکڻ سان سڄي وسنديءَ جي صحت ۽ چڱيلائي تمام وڏي حد تائين بهتر ٿي وڃي ٿي.

## زمين جو مالڪ ڪير آهي ۽ ڪهڙا قانون آهن؟

جيڪڏهن توهان ڪنهن زمين تي ٻيهار ٻيلاڪاري ڪرڻ ۽ اڳتي هلي ان جو ثمر استعمال ڪرڻ چاهيو ٿا ته، پڪ ڪريو ته اهڙي ٻيلي جي مچڻ ڪانپوءِ اهو توهانکي استعمال ڪرڻ ڏنو ويندو. اهو ڄاڻڻ ته اها زمين قانوني طور تي ڪنهنجي ملڪيت آهي اتي ٻيلي پوکڻ کان اڳ ۾ اجازت وٺڻ توهان لاءِ فائديمند ٿيندي ۽ اڳتي هلي ڪي به مسئلا پيدا ٿي نه سگهندا. هڪ اهڙي بنجر ۽ بيڪار رهندڙ زمين جڏهن هڪ صحتمند ٻيلي ۾ مٽجي وڃي ٿي ته قيمتي ٿي پوي ٿي. جڏهن ته ڪن هنڌن تي اهڙا به قانون آهن جتي ڪن قسمن جي وڻن وڍڻ ۽ استعمالڻ جي منع آهي. پلي ته پوءِ اهڙا وڻ ماڻهن پاڻ ئي ڇو نه پوکيا هجن. اڳ ۾ ڏسو ته توهان جتي رهو ٿا اتي ڪو اهڙو قانون ته ڪونهي.

## مختلف وڻ مختلف ضرورتون پوريون ڪن ٿا

مختلف قسمن جي وڻن پوکڻ کان اڳ ۾ اهو فيصلو ڪرڻ ۾ ڏسڻ گهرجي ته وسنديءَ جي ماڻهن جون ڪهڙيون گهرجون ۽ ضرورتون آهن.










جيئن ته هر هڪ جي گيان جي استعمال ڪرڻ ۾ سيني جي ضرورتن ڌانهن ڌيان ڏيڻ لاءِ وقت ڏيڻو ۽ صبر کان ڪم ورتو پوي ٿو ان سبب سڄي راج لاءِ هڪ سٺي رٿا تيار ڪري سگهجي ٿي.